# سنڌ ايڪٽ نمبر XII مجريه 1996

# SINDH ACT NO.XII OF 1996

# سنڌ پبلڪ ڪنوينسز (ترميم) ايڪٽ، 1996

# THE SINDH PUBLIC CONVEYANCES (AMENDMENT) ACT, 1996

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1920 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعه 22 کان 28 تائين جي ترميم
Amendment of section 22 to 28 of Sindh Act VII of 1920

# سنڌ ايڪٽ نمبر XII مجريه 1996

# SINDH ACT NO.XII OF 1996

# سنڌ پبلڪ ڪنوينسز (ترميم) ايڪٽ، 1996

# THE SINDH PUBLIC CONVEYANCES (AMENDMENT) ACT, 1996

[24 اپريل 1996]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ پبلڪ ڪنوينسز ايڪٽ، 1920 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ پبلڪ ڪنوينسز ايڪٽ، 1920 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ پبلڪ ڪنوينسز (ترميم) ايڪٽ، 1996 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1920 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 22 کان 28 تائين جي ترميم
Amendment of

2. سنڌ پبلڪ ڪنوينسز ايڪٽ، 1920 ۾:

(i) دفعہ 22 ۾، لفظن "هڪ سئو" لاءِ لفظن "هڪ هزار" کي متبادل بڻايو ويندو؛

(ii) دفعہ 23 ۽ 24 ۾، لفظ "پنجاهہ" لاءِ لفظن "پنج سئو" کي متبادل بڻايو ويندو؛

| | |
|---|---|
| (iii) دفعات 25، 27 ۽ 28 ۾ لفظ "ويهہ" لاءِ لفظن "ٻہ سئو پنجاهہ" کي متبادل ٻڌايو ويندو. | section 22 to 28 of Sindh Act VII of 1920 |
| (iv) دفعہ 26 ۾ لفظ "ٽيهہ" لاءِ لفظن "ٽي سئو" کي متبادل ٻڌايو ويندو. | |

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**